# سنڌ آرڊيننس نمبر XXIX مجريہ 2001
# SINDH ORDINANCE NO.XXIX OF 2001
# سنڌ لوڪل گورنمينٽ اليڪشنز (ٽئين ترميم) آرڊيننس، 2001
# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT ELECTIONS (THIRD AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. سنڌ آرڊيننس X مجريہ 2000 جي دفعہ 19 جي ترميم
Amendment of section 19 of Sindh Ordinance No.X of 2000

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXIX مجريه 2001
# SINDH ORDINANCE NO.XXIX OF 2001
## سنڌ لوڪل گورنمينٽ اليڪشنز (ٽئين ترميم) آرڊيننس، 2001
## THE SINDH LOCAL GOVERNMENT ELECTIONS (THIRD AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

[10 آگسٽ 2001]

آرڊيننس جنهن جي ذريعي سنڌ لوڪل گورنمينٽ اليڪشنز آرڊيننس، 2000 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ لوڪل گورنمينٽ اليڪشنز آرڊيننس ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي، جيڪا هن طرح هوندي؛

۽ جيئن ته لوڪل گورنمينٽ اليڪشنز حڪم 2000 (نمبر8، 2000) جي تحت چيف ايگزيڪيوٽو آف پاڪستان صوبن ۾ چونڊ ڪرائڻ جي لاءِ بااختيار بڻايو؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 جي اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽوشن آرڊر نمبر 1 جي تحت معطل آهي؛

۽ جيئن ته سنڌ جو گورنر مطمئن اهي ته موجوده صورتحال ۾ فوري قدم ضروري آهي.

هاڻي تنهنڪري، مٿين ڄاڻايل اعلان ۽ پرووزنل

ڪانسٽيٽوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووينزنل ڪانسٽيٽوشن (ترميم) آرڊر نمبر 9 ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ڪندي، سنڌ جو گورنر خوشيءَ سان هيٺين ڇاپايل آرڊيننس ناهي نافذ فرمائي ٿو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ لوڪل گورنمينٽ اليڪشنز (ٽئين ترميم) آرڊيننس، مجريہ 2001 سڏيو ويندو.

(2) هيءُ في الفور نافذ ٿيندو ۽ 14 آڪٽوبر 2000 کان لاڳو سمجهيو ويندو.

سنڌ آرڊيننس X مجريہ 2000 جي دفعہ 19 جي ترميم
Amendment of section 19 of Sindh Ordinance No.X of 2000

2. سنڌ لوڪل گورنمينٽ اليڪشنز آرڊيننس، 2000 جي دفعہ 19 جي آخر ۾ فل اسٽاپ کانپوءِ هيٺين ڇاپايل وضاحت کي شامل ڪيو ويندو.

وضاحت:_

هن دفعہ جي مقصدن جي حاصلات لاءِ آفيس جي هولڊر مان مراد اهڙو شخص آهي، جنهن هن آرڊيننس جي مطابق ناهيل قانون جي تحت حلف کنيو هجي.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**